# ڪوٽ لکپت جو قيدي

## رسول بخش پليجو



# ڪوٽ لکپت جو قيدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوٽ لکپت جو قيدي

(جيل جي ڊائري)

رسول بخش پليجو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1991ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ پنجيتاليهه

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ: ڏکي پرنٽنگ پريس ڪراچي.
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: لغاري اين لغاري ڪارپوريشن
ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد سنڌ.
ٽائيٽل ڪيليگرافي: خالق چنڊ
پهريون ايڊيشن: مئي 1991ع
قيمت: 100/- روپيا
پڪي جلد سان: 130/- روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

*KOT LAKH PAT JO QADI. (Jail Diary) Written by RASOOL BUKHSH PALEEJO., Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition May 1991. Price per Copy Rs.* 100/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

**نالي**
امان لاڏيءَ جي
جيڪا ۸۵ ورهين کان وڏي ڄمار ۾،
هميشہ وانگر اڄ بہ،
وطن، قوم ۽ انسانيت سان،
وفادارين جو وچن پاڙڻ جي ويڙهہ ۾ ،
پنهنجي اولاد جي پنيرائي ڪندي،
عزم ۽ ثابت قدميءَ جو،
هڪڙو اٽل ۽ اڏول هماليہ بڻجي بيٺي آهي.

-رسول بخش پليجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1. ٻہ اکر – رسول بخش پليجو | 10 - 9 |
| 2. مهاڳ – سراج | 14 - 11 |
| 3. مهاڳ – ماهتاب محبوب | 24 - 15 |
| 4. سينٽرل جيل، خيرپور ميرس | 32 - 25 |
| 5. ڪوٽ لکپت جيل، لاهور | 347 - 33 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پهريون اکر

انسانيءَ زندگيءَ جو چڱو موچارو مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته دنيا ۾ ڏک دستوري ۽ سک اتفاقي آهن. ان ڪري مون هميشه سخت پورهيو، جاکوڙ ولوڙ ۽ خطري واري ڏکي زندگيءَ کي ئي دستوري ۽ (Normal) زندگي ڪري ورتو آهي. هن دائري ۾ مون ڏک ۽ اذيت ڏانهن اشارا ته ڪيا آهن پر انهن جي اپٽار جاٺي ٻجهي نه ڪئي آهي. حالانڪه مون پل پل ڪيئن گذاريو، سان هڪڙي مون کي خبر آهي ٻي منهنجي ويجهن ساٿين کي ۽ جيل اسٽاف کي.

منهنجو آدرش هميشه اهو پئي رهيو آهي ته ارادي کي جسماني ۽ روحاني اذيت تي حاوي هئڻ گهرجي.

هن دائري جي لکڻ جو مکيه سبب اهو هو جو بيمارين جي اذيت جي ڪري مون کان لکڻ جي قوت ڇڏائجي وئي. ان ڪري مون پاڻ کي حڪم ڏنو ته :

تيسين پڳي سان ٿي پيرِ
جيسين رتو راس ٿئي.

ڪجھ نه ڪجھ ضرور لکڻو آهي. چاهي اها ڪيڏي به غير اهم ڳالھ ڇو نه هجي. اهم ترين ڪوڙ کان معمولي سچي احساس جو اظهار وڌيڪ قيمتي آهي. ان ڪري مون ڪنهن فڪري پورهئي ۽ تخليقي جاکوڙ جي پاڻ ۾ پهچ نه ساري سنڌي گرامر دانن جي روحن کان موڪل وٺي جيڪي سنهيون ٿلهيون اڀريون سيريون اهم توڙي غير اهم سوچون ۽ احساس جنهن وقت به پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ موجود ڏٺا اهي جيئن آيا تيئن لکي ڇڏيم ۽ انهن جي بناوت اهڙي ٿي اڻ گهڙيل رهڻ ڏني اٿم جيئن اها منهنجي مغز ۾ پهريون دفعو سرجي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ منهنجي ذهن تي اُڪريل آهن ”انقلاب اسان جي چائنٺ تي بيٺو آهي، ۽ سياڻي ڪان دنيا، روايتي ڏيکي جي هڪڙي سگهه تان منجهي، ٻئي سگهه تي اچي بيهندي، ۽ ان جي لوڏي سان گهٽائي ٻت ڏهي اچي پٽ پوندا“. حالتن جو اهو حيرت انگيز چيڻ، ايڏي ننڍي عمر ۾، هڪ طرف هن جي بنيادي ذهانت ۽ سندس وسيع مطالعي ڏانهن اشارو ٿو ڪري ته ٻئي طرف ان مطالعي مان صحيح نتيجا ڪڍڻ جي سندس ذات جي نشاندهي ٿي ٿئي! آءٌ ڪيس چيڙائڻ لاءِ، يوڳ ڪندي چوندو آهيانس ته ”پلاءِ وري ته ڪا اڳڪٿي ڪر ته اهو ڏکو وري ڪڏهن ٿو سگهه مٽائي“. پر يوڳ يوڳ ۾، منهنجي ذهن ۾ اها آرزو پڻ هوندي آهي ته من هو وري حالتن جو اهڙو ئي تز ۽ هٿيڪو چيڻ ڪري ٻڌائي جو شايد سنڌ جي چائنٺ تي ڪنهن انقلاب جي ڪا بشارت ملي!.

رسول بخش، منهنجي راءِ ۾، بنيادي طرح هڪ اديب، قلمڪار ۽ لکندڙ آهي، اهڙو اديب، جيڪو پنهنجي وطن ۾ پنهنجي هم وطنن ڏانهن سچائي ۽ ايمانداريءَ سان جوابدار ۽ جانبدار آهي. هن جي اها جوابداري (ڪمٽمينٽ) ايتري مڪمل ۽ همه گير آهي جو ان ۾ ڪنهن لشڪريءَ جي سختي ۽ اڳرائي اچڻ سياويڪ آهي. ان جوابداري ۾ ٻين کي شامل ڪرڻ ۽ پاڻ سان گڏ ولي هلڻ جي آرزو هن کي تحرڪ ۽ تحريڪ ڏانهن وٺي آئي آهي. هن جي اها جوابداري، اڳرائي ۽ اجتماعيت هن کي لکڻ کان، فڪري رهنمائي ڪرڻ ڏانهن، ۽ فڪري رهنمائي ڪرڻ کان عملي سياست ۾ گهلي آئي آهي.

اهو سفر ڏاڍو اٽانگو ۽ ڪٺن آهي، ۽ ان سفر ۾ هن گهڻو ڪجهه پوکيو آهي، گهڻو ڪجهه سَنو آهي، گهڻو ڪجهه وڃايو آهي ۽ ساڳئي وقت هن گهڻو ڪجهه حاصل پڻ ڪيو آهي. ان سفر ۾ هن پنهنجي ملڪيت، وڪالت، صحت ۽ سُڪون جهڙيون نعمتون قربان ڪيون آهن. پر ان جي بدلي لکين مسڪين مارُو ماڻهن جون محبتون ۽ قربتون حاصل ڪيون اٿس!

ان سفرجو هڪڙو باب ”جيل جون يادگيريون“ پڙهندي، ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ ته ان ۾ هو اسانکي، اوهانکي شامل ڪرڻ، پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جا جتن پيو ڪري. ”جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان“ واري ڳالهه ڪري، هن سچائي ۽ جوابداريءَ جو ننگ نڀايو آهي. رسول بخش پليجو، جنهن ”بختاور“ ۽ ”انڌا اونڌا ويڄ“ ۾ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي اصل روح سان ڄاڻ سڃاڻ ڪرائي ان جي اها ٻولي هت نظر نٿي اچي، پر ان جي بدران سنڌ جي هڪ سڃاڻ ۽

ڏاهي سياسي ڪارڪن جي گفتگو ڪچهري ۽ رهاڻ پلئه پوي ٿي. جيڪا هن جي روح جي واردات آهي، اُن ڪري من کي جهوريو وجهي.

مون جيئن مٿي چيو آهي ته ضروري نه آهي ته رسول بخش جي فڪر ۽ ڏاهپ سان هر ماڻهو متفق هجي. پر چا بہ ٿي پوي هن جي سچائيءَ ۽ سنڌ، ۽ سنڌ جي عام مسڪين مارو ماڻهن ڏانهن سندس "ڪمٽمينٽ" جو اعتراف ڪرڻ کان رهي نٿو سگهجي. هن جو سفر اڃان اڳاهون آهي. مون جهڙا ماڻهو رڳو سفر جي منزل بابت فڪر مند هجڻ جيءَ عياشيءَ ۾ مبتلا آهن، ۽ ڀٽائي جي هن بيت جو پاراتو بڻيل آهن ته:

متان ٿيئي اونداهه، پير نہ لهين پرينءَ جو!

شل رسول بخش کي سندس سمورا پرين کُهلي سمي کان اڳ نصيب ٿين، ۽ هو سياڻي جيءَ سچ جي آجيان ۾ سڀ کان اڳتي ۽ اڳاهون هجي!

سراج
۲۵ نومبر ۱۹۸۹ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪوڪ دلا ڪوئي ڪوڪ تهردي مت صاحب جي سڻ پاوي )
(هاشم شاھ)

(دل! ڪا دانهن ڪر! دانهن به تهر جهڙي دانهن! ٿي سگهي ٿو ته تنهنجي سِرَ جو سائين ٻڌي وٺي!)
هي سٽون به هاشم شاھ جون آهن:

مائي بيٺ اکين وچ ويکين، مينون چاک ڪيها ڪجھ دسدا!

(امان مون کي رانجهڻ ڏراڙ ڪيئن ٿو نظر اچي اهو ڏسٽو اٿئي ته اچي منهنجي اکين ۾ ويھ ۽ انهن سان ڏس!)

نہ بن شيخ مشائخ پياري نہ پهن لباس فقردا
بن گهائل مر دل دي پيڙي اي تا دام مکردا

(اي دل! شيخ مشائخ متان ٿئين، فقيري لباس کان پڇ پري، هي شيون مکر جا چار آهن! ڪنهن انسان جي عشق ۾ گهائل ٿي وڃ! جڏهن مرين، تڏهن به ڀي ڪنهن بيماريءَ سبب متان مرين! عشق جي درد جي بيماريءَ ۾ مرجانءِ!)

عاشق دين نہ مذهب رکدي انهان درد خدا ڪر چاتا

(سچا عاشق انساني عشق جي درد کي خدا ڪري ڄاڻن ٿا. سندن ٻيو ڪو به دين ۽ مذهب ڪونهي!).
اياز چيو آهي،

تهر اها ٿي لهر ڪٿي آ
گدري ويو جو پهر ڪٿي آ!

ڏيڍ سو به سو سال اڳ هاشم شاھ چئي ويو آهي:

نديان نير رهن نت تارو او ڪدي نہ هوون هلڪي
جو جل اج گئي اس راهين اوھ فير نہ آون پرڪي

هنن بدمعاشن جي پروپيگنڊا جو اسان توڙي اوهان ماڻهن کي گڏجي جواب ڏيڻ گهرجي.“ هو متفق ٿيو. هن لاءِ اها ڳالهه ٿئين هئي ته سنڌ ۽ پنجاب جو تڪرار ٿالي ڪا ڳالهه دراصل ڪو وجود ئي نه ٿي رکي، سموري ڳالهه پناهگير، پنجابي سرمائيدار پريس، ناجائز قابضين ۽ جماعت اسلامي جي پروپيگنڊا جي ايجاد آهي.

٨٢-٦-٣٠ صبح ٧ بجه:

يہ ڪون آيا ميري من ڪي دواري
پايل ڪي جهنڪار لئي!
سوچ مين ڏوبا پاگل منوا،
سپنون ڪا سنسار ليئي،
يہ ڪون آيا!

منادي ڳائي پيو، هاڻ لتا آئي آهي، ڏن ڪا آهي چا!

جانا تها هم سي دور بهاني بنا ليئي،
اب تم ني ڪتني دور، ٺڪاني بنا ليئي!

هاڻ شروع ڪيو اٿس:

ميري وينا تم بن روئي،
سجنا! سجنا! سجنا!
تجهه بن ميري گيت اڌوري
هونٺون پي شرمائين
.....
تڙپ تڙپ ره جائين،
ميري پيڙ نہ جاني ڪوئي
ميري وينا تم بن روئي،
سجنا! سجنا! سجنا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُٽي ٻہ سيني کان اڳ ويا. بس سائين اسين ٻاهراڙيءَ جا ٻي عقل هاري ماڻهو ٻيو جيل ۾ مٺ مان ڪڍي ڇڏيو آهي. مشقت ٻہ ڪريون ۽ ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا ذليل ٻہ ٿيون. ٿورو ٿئي تہ ”هل! پيشي!“ پيشي تي تہ معافي ڇٽ! سال ٻيا ٻہ ڪاٽڻا پئجي ويندا، مارون موچڙا جدا. بس سر جي! غريب جو آهي الله.“ وري پنهنجي پاسي جي هڪڙي مولوي صاحب جي تعريف ڪرڻ ويٺو تہ اهو شهيد ٿيل قرآن شريف ماڻهن کان وٺي انهن جي بدران نوان قرآن شريف ڏيو ڏي. چي ”سائين ڪم اهو ٻيا سڀ ڪوڙا.“ اسان چيو ”بيشڪ!“ صبح جي ڊيوٽيءَ وارو ملازم برڪت ذات جو اعواڻ آهي، اڳوڻو مشتتي طارق ٻہ اعواڻ هو، ۽ محترم ”شيخ عظمت“ ٻہ اعواڻ (شيخ پيري مريديءَ ڪري آهي) ڪلهہ ڪلام ويٺي پڙهيو سين. سلطان باهوءَ جو اهو ٻہ اعواڻ، نئون اسسٽنٽ مشتاق ٻہ اعواڻ. مون اڄ ويهي ويهي چيو ”هاڻ تہ اعواڻ ملڪ ڪي ورائي ويا آهن. جيل ۾ رڳو اعواڻ ٿي ويا آهن. هاڻ تہ هي ملڪ ڇڏجي، گورنر - ملڪ اميرمحمد اعواڻ مان جند ڇٽي تہ وري وزير ٻيو اعواڻ مٿان نازل“ ”م“ چيو ”اعواڻ اڃا ٻيا ٻہ آهن.“ مون چيو ”مثلاً؟“ چيائين ”محمد خان ڊاڪو، جنرل ملڪ جنرل اقبال ۽ ٻيا ڪيئي جنرل ۽ اعليٰ آفيسر.“ محمدخان ڊاڪوءَ بابت تازو بيان آيو هو تہ ايوب کي ملتان ۾ قتل ڪيائين. پاڻ ٻہ اخباري انٽرويو ۾ قبول ڪيائين تہ ”برابر ايوب هوائي جهاز لاهڻ بنا ملتان مان هليو نہ ويو ها تہ منهنجو ارادو ڪيس مارڻ جو هو.“ ”م“ چيو ”غريبن جو حامي هو، پاڻ سئو ٻن ايڪڙن جو مالڪ آبادگار آهي، پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي ذاتي حڪومت قائم ڪريو ويٺو هو، اڻ پڙهيل آهي. فوج ۾ حوالدار هو. اتان ڀڄي آيو هو. وڏا وڏا ماڻهو مارياٿين. سيشن ڪورٽن مان ٧ ڦاسيون ۽ ٢٢٧ سال قيد مليل هوس. ڀٽي صاحب واري عام معافيءَ ۾ چار ڦاسيون ٽٽي جنم قيد ۾ تبديل ٿي ويون. باقي ٽي رهجي ويون. اتفاق سان آئون ان وقت وزير قانون هوس. سو ڪاغذ ڪٽي هٿو هٿ گورنر کان ٽي ڦاسيون معاف ڪرائي جنم قيد ۾ تبديل ڪرائي آيس، پوءِ سمورين سزائن کي ڪنڪرنٽ ڪيم. سوين سالن جي سزا کي گهٽائي آٺن ٿورڙي تي ڇڏيم. مٿان ٻي ڦاسي آيس، اها هاءِ ڪورٽ مان جنم قيد ٿي. هاڻ ڪاٽي اچي چڙهيو آهي. تمام تيز، بهادر ۽ چالاڪ ماڻهو آهي. هٿڻ حرام اٿس.“

سوچيان ٿو تہ انسان ڪيئن نہ واقعي ڪپهہ کان ڪنئرو (نرم) ۽ لوهہ کان ڏاڍو آهي! ڪلهہ عظمت شيخ ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي چيو تہ ”فلاڻو جيل جو ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ چوندو آهي تہ ”مٿان آسمان آهي هيٺ (پنهنجي نالي) فلاڻو آهي ٻيو ڪوبہ حرافتي ڪونهي، منهنجو نالو ٻڌي زالن جا ڪچا ٻار ڪري پوندا آهن.“ مون چيو ”هر ظالم ائين چوندو آهي. چاهي ظالم وڏيرو هجي، چوڌري، سردار ۽ خان هجي. ڪامورو ۽

(شاباش منهنجا چِلا، داٿو پاٿي گڏجي ويا. منهنجو چيلو ڪوه تي آهي، تون اسان جي جوءِ تي اچجانءِ. امان جي وس آهي، موڪل ڏيندي تہ ايندا سين.)

سعيده بانوءَ جو مقابلو فقط قوالڻ انيسا صابري ۽ انگريزي سڪٽي ڪري سگهن ٿيون. بہ چوٽيون. ڪارو لباس، اکين ۾ خمار مرڪ قاتل، تہ بت ٿهر جو آواز صفا انوکو ۽ انداز بلڪل نرالو. بلا جي خود اعتمادي لاپرواهي، اکيون وڏيون، وڏيون، ڪاريون ڪاريون، اداس اداس، پراسرار.

ڪوڪان پيڻ گيان
نيهون نہ لڳدي زوري

(نينهن زبردستي نہ ٿيندو آهي. دانهون ٿي ويندڙيون آهن)

هاڻ سسئي پنهون پيئي ڳائي،

چهڙي پاسي ديکهان مينون پنهون دسدا

(جنهن پاسي نهاريان مونکي پنهون نظر ٿو اچي.)

هاڻ ماهيا:

تيري وچون رب دسدا اسي سجدا تان ڪيتا.

(تومان رب پيو ڏسجي، اسان تڏهن سجدو ڪيو.)

هاڻ سهڻي ميهار:

ڪس تتڙي ني ظلم ڪمايا
پکا چک ڪي ڪچا رکايا
سهڻي ڪچي گهڙي تي جاوي
رباوي منهينوال ملاءِ

ته ڳالهه في الحال درگذر ڪريون." مون چيو ته "آهي ته وڏي سزا جي لائق پر منهنجي چوڻ تي نه پر ازخود جي معافي وٺي ته ڏجيس." اهو راضي نامون ٿيو. هاڻي ڪٿي قسمت! يا ٿرڙيءَ مان ٿڌ ٿيندو يا هن جي روز روز جي بد معاشيءَ مان جند ڇٽندي. جزا جي ڪري "م" جو لکڻ ئي بند ٿي ويو آهي. سچي رات اکيون جو وڃيو وڃڻو هوندو آهي!. بهرحال ازخود روئٺهارڪو تي معافي ورتائين. مون معافي ڏنيس. في الحال ته ٺيڪ ٿيو. اڳتي ڏسبو.

جمع جو پلارو ڏينهن آهي. پاڙي جي لائوڊ اسپيڪرن جي پاڻ ۾ ريس صبح کان شروع ٿي وئي آهي. گجگوڙ پئي پوين. اکر بہ سمجهه ۾ نٿو اچي. پر جيڪي دهشتون پيا ڪن ۽ دڙڪا ۽ ڌمڪيون پيا ڏين تن مان مخلوق خُدا لاءِ ڪنهن خوش خبريءَ، آرام ۽ سک جو آسرو ڪو نه ٿو ظاهر ٿئي! تصور ۾ رڳو پالا، گرز ۽ باهه جا آڙاهه ڪڙا ڪريو ڇڏين! هڪڙي پاسي جاگيرداري سماج جي راڄوٽي ۽ برادري نظام جو عذاب، ٻئي پاسي بکئي پيٽ جا چڪ ۽ پيداوار جي وسيلن تي قابض ٿي ويٺلن جون خرمستيون ۽ دهمان ٽئي پاسي جاگيردار سرمائيدار سامراجي سياست جون آمريتون ۽ مارشلائون، چوٿين پاسي هي پالن، گرزن ۽ باهه جي اوڙاهن وارا روحاني جابر ۽ جلاد! سڀ پاڻ ۾ جٽ. ٽنڊ مثل! مسڪين مارو ماڻهو ويچارا وڃن ته ڪيڏانهن وڃن!

"م" ٽوپ ڪٽي آڻي ڏيکاريو آهي. ترو سڙيو پيو اٿس. "وڏا نقصان ٿي ڳيا! سارا سڙ ٻل ڳيا!" بشير مشتيءَ ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو "سم جو پينڊا اي وڃڪي!"(سمهيو جو رهي وڃيو!) سچو ٻوڙ جيڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڌيو اٿس سو سڙي ويو! گرمي آڪٽوبر وچ تائين هلندي آهي. اڃا خيرن سان آگسٽ ئي ڪو نه پورو ٿيو آهي. پر اڄ جهڙوڪر موسم ۾ خزان جي اداسيءَ جا آثار پيا نظر اچن. ٻاهر ڪٻرين پاڻ ۾ جنگاڻ لڳايو ويٺيون آهن. پکو آهستي آهستي پيو هلي. اڄ همراهه بهتر آهي.

عمران لنگهيان پيان بهار

(تنهنجي انتظار ۾ چائنٽ وٽ پيرن جي پٻن پر بيٺي ڪيئي عمرون لنگهي ويون!)
خواجه فريد جي اها سٽ "م" کان ٻڌيم. رات آسمان ۾ قطب تاري، ڪتين ۽ ٽيڙوئن کي ڏاڍو نهاريم، پر پتو ئي ڪو نه پيو. الٽا لطيف جا بيت ياد پيا جن آسمان جي تارن بدران ڌرتيءَ جي تارن جون ڳالهيون ڇيڙي وڌيون!

گروپ نمبر ٣٦ ايف
ائمنيسٽي انٽرنيشنل
ميسن ڊوٽيمپل
٩٠٠٠٠ بيلفورٽ
فرانس
پيارا سائين،
اسين ائمنيسٽي انٽرنيشنل جي فرانس واري شاخ جي گروپ ٣٦ ايف جا ميمبر آهيون. ائمنيسٽي انٽرنيشنل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لنڊن ۾ آهي ۽ جنهن توهان جو معاملو اسان جي سپرد ڪيو آهي تنهن توهان کي "ضمير جي قيدي" جو مرتبو ڏنو آهي. اسان ٻڌو تہ توهان هاڻي ناري جيل ۾ قيد آهيو. توهان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اسين پنهنجون ڪوششون جاري رکيو اچون. اسين توهان بابت فرانس جي اخبارن ۾ ليک لکندا آهيون تہ جيئن عوام کي توهان بابت خبر پئي . اسين توهان بابت توهان جي حڪومت کي بہ لکندا رهنداآهيون.
اميد رکو تہ اسين توهان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکنداسون.
توهانجا خير انديش
گروپ ٣٦ ايف فرينچ سيڪشن
ائمنيسٽي انٽرنيشنل
تاريخ فرينچ ۾ لکي ويئي آهي. سمجھ ۾ نہ پئي اچي. فقط سال ١٩٨٢پڙهڻ ۾ اچي ٿو. ٻيو خط عبدالله ولد الهڏني پليجي جو آهي. ٨٢ -٧ -٢١ جو لکيل آهي. لکيو اٿس:

سوريءَ سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون
وڃڻ تن پيو نالو نينهن ڳنهن جي

محترم ساٿي رسول بخش صاحب سدا سلامت هجو . جا لکان توهان جي عظمت تي جا هستيءَ تي، جا قربانيءَ تي . گھڻو ڪجھ لکڻ چاهيان ٿو. پر افسوس جو انصاف ڪري ڪو نہ سگھندس. منهنجو هيءُ توهان ڏانهن پهريون خط آهي ۽ پر اُميد آهيان تہ جواب ضرورملندو. جواب جو سڄي زندگي انتظار ڪري سگھان ٿو. هن وقت هر هنڌ شاد مانا لڳا پيا آهن. واسين اچي ويڙها وسايا آهن. چو طرف وايو منڊل بدلجي ويو آهي. هر طرف ڪان ڍڳرن جي ڊڻ ڊڻ ٽلين جي ٽڻ ٽڻ لڳي پئي آهي. ڳڻن ۽ مينهن جون هنبون نندن ڳابن جون رنيون. چئو طرف آواز ئي آواز. مٿي آسمان تي ڪڪرن جي چانو گوڙين جا سانوڙيا ۽ مينهن جا ڏاٻوڙيا لڳا پيا آهن.......
پر هڪڙي ڳالھ چوان؟ اها هيءَ تہ همت ڪڏهن بہ نہ هارجان. اها مون حقير جي هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



۱۹۹۰ع جي اليڪشن واري آخري ڏينهن لـڙي ۾ تاريخي خطاب.



پليجو صاحب ۱۹۷۰ع ۾ مجيب الرحمٰن سان مذاڪرات متعلق ذوالفقار علي ڀٽي سان ڳالهائي رهيو آهي پر ۾ مخدوم طالب المولىٰ ويٺل.



پليجو صاحب ڪينجهر ڪناري لڪاني ڀهراڻي، قادر رانجهي، عالم شاهه، غلام نبي عباسي، خادم ٽالپر، عاراب ڪيڙاني، جامي چانڊيو، محمد علي پلهه ۽ محمد خان پرڳڙي سان گڏ.



ٻيڙي جو سير ڪندي پليجي صاحب سان گڏ عارب ڪيڙانو، محمد علي پلهه، بخت جمال، غلام نبي عباسي، خادم ٽالپر، رزاق عباسي ۽ قادر رانجهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مئيءَ ۾ پليجي صاحب تي ٿيل قاتلاڻي حملي کان ڪجهه گهڙيون اڳ معراج محمد خان، شاهه محمد شاهه، سليمان ڏاهري ۽ ارباب کهاوڙ.



٨٦ع ۾ اسيري دوران پليجو صاحب پنهنجو ڪيس لڙڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ اچي رهيو آهي ساڻس گڏ اياز لطيف پليجو ۽ سيد عالم شاهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ايمينيسٽي پاران ضمير جو قيدي قرار ڏيڻ تي آڪٽوبر ٨٢ع ۾ هالينڊ ۾
پليجي صاحب جي آزاديءَ لاءِ مظاهرو.



٨٥ع ۾ لانڍي جيل ۾ پليجي صاحب سان گڏ منظور وساڻ، پس منظر ۾
فاضل راهو، مجتبيٰ جتوئي ۽ پير مظهر جون ڪوليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ايم آر ڊي جي اجلاس کان پوءِ پليجو صاحب، بينظير ڀٽو ۽ تاجدار.



لنڊن ۾ سرور باري، فرزانه، نويد، اياز لطيف پليجو، تنوير ۽ نرگس سان گڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پليجي صاحب سان گڏ سيد عالم شاهہ، لڪانو ڀهراڻي، بخت جمال، ايوب شيخ، مير مظهر، سعيد ميمڻ، اياز لطيف، علي گل ۽ ٻيا ڪارڪن.



جولاءِ ٨٦ع ۾ اي اين پي ٺهڻ وقت نشتر پارڪ جي جلسي ۾ پليجو صاحب، ولي خان، شهيد فاضل، لطيف آفريدي ۽ خالق خان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فاضل راهو جي شهادت خلاف لنڊن ۾ احتجاجي مظاهري ڪي پليجو صاحب خطاب ڪري رهيو آهي ساڻس گڏ محسن باري.



فيبروري ٨٧ع ۾ پليجو صاحب راهوڪي ۾ سنڌي قوم ڪي اتحاد جو تاريخي سڏ ڏيندي، پس منظر ۾ جام ساقي، حاڪم علي زرداري، نذير لغاري، ۽ پروفيسر عزيز احمد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نومبر ۸۹ع ۾ سچل ڪانگريس جي مشاعري ۾ پليجي صاحب سان گڏ جويو صاحب، اياز گل، نارائڻ ڀارتي ۽ گوبند مالهي.



هڪ ادبي محفل ۾ پليجو صاحب، شيخ اياز، ابراهيم جويو، خان محمد پنهور، فيروز احمد ميمڻ، عبدالڪريم بلوچ، اياز لطيف پليجو، نصير مرزا ۽ ارم محبوب .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پليجو صاحب، شيخ اياز، محبوب شيخ، ماهتاب محبوب ۽ خيرالنساء جعفري
هڪ ادبي پروگرام ۾ .



حيدرآباد ۾ سنڌين جي قتل عام دوران مئي ١٩٩٠ع ۾ پليجو صاحب قاسم
آباد ۾ متاثرين جي وچ ۾. ساڻس گڏ خليل پرڳڙي، سراج سيال، علي گل
ميتلو ۽ مشتاق جوکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آزادي ڪانپوءِ جنگشاهي ۾ پنهنجي والده لاڏي، ڀيڻن حورالنساء ۽ غلام فاطمه ۽ پٽ
اياز لطيف پليجو سان گڏ.



انن سالن جي قيد مان آزاد ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ جناح اسپتال ۾ سرتاج
چانڊيي، ابرار ڪنڀر ۽ ايس ايس ٽي جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پليجو صاحب ۱۴ اپريل ۸۷ع تي ڪراچي ۾ تاريخي مظاهري جي قيادت ڪري رهيو آهي ساڻس گڏ حاڪم علي زرداري، مسعود نوراني، حميده کهڙو، سيد عالم شاهه ۽ امداد چانڊيو.



ايم آر ڊي جو ڪنوينر پليجو صاحب لاهور ۾ جلسي جي صدارت ڪري رهيو آهي. ساڻس گڏ افضل حيدر ۽ ملڪ قاسم هن جلسي ۾ پليجي صاحب راجا ڏاهر متعلق تاريخي تقرير ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



٧٩ ع جي هاري ڪانفرنس جنهن کان فوراً بعد پليجي صاحب کي گرفتار ڪيو ويو. شهيد فاضل، غفار قاضي، قادر رانٽو، علي سوڍو، سلام ميمڻ ۽ ٻيا گڏ.



پليجو صاحب شاهنواز جوڻيجو ۽ غلام مصطفيٰ شاهه.



سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي جلاس جي صدارت ڪندي پليجو صاحب، ابراهيم جويو، رشيد ڀٽي، مولا بخش ميمڻ ۽ ٻين سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اسيري دوران هائيڪورٽ بار ۾ پليجي صاحب سان گڏ آفتاب ميراڻي، امام علي قاضي، اقبال حيدر ۽ فتحياب علي خان.



۴، مارچ جي تحريڪ ڪانپوءِ اورينٽ هوٽل ۾ پليجو صاحب، مسعود نوراني، شيخ علي محمد، لالا قادر ۽ ڪامل راڄپر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



برطانوي ڪائونسل جي دعوت ۾ پليجو صاحب پنهنجي گهر واري زرينه بلوچ ۽ پيءُ غلام قاسم سان گڏ.



آمريڪا ۾ سانا جي ڪانفرنس ۾ پليجي صاحب سان گڏ ڊاڪٽر فيروز عابده پروين، آفتاب قاضي، الطاف ميمڻ ۽ جاويد لغاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Your Excellency,

I invite your attention on Rasul Baksh Palejo, President of Awami Tehreek, who has been held under detention since 1979. As his detention without any trial deeply violates the Universal Declaration of Human Right and inview of his alarming condition of health, I appeal to you to release him immediately.

yours faithfully,

Excellentie,

Ik vraag Uw aandacht voor Rasul Baksh Palejo, Voorzitter van de Awami Volksbeweging die sinds 1979 in detentie wordt gehouden.
Deze maatregel is geheel in strijd met de Universele Verklaring van de Mensenrechten.
Gezien de deplorabele staat van gezondheid van gedetineerde, verzoek ik U hem zonder uitstel vrij te laten,

hoogachtend,

NAME:
(NAME) A. H. WAYFLY

ADDRESS:
(ADRES) ..................

SIGNATURE:
(HANDTEKENING) ..................

POSTZEGEL
PLAKKEN
50 cent

General Zia-ul-Haq

President house

Rawalpindi

( Pakistan )

ايمينيسٽي انٽرنيشنل پاران پليجي صاحب متعلق جنرل ضياءالحق کي
موڪليل احتجاجي ڪارڊ جو عڪس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهيو چڪاسين چاءُ، آڳ ٻرندي آئيا
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن، محبتي مچ لاءِ
آٽي پاڻ اڙا ءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾

....

ڪنڌ ڪنارو منهن وٽي، عادت سندن ايءَ
تنين تڪون ڏنيون، جُنبي منجهان جيءَ
سروتن سبيءَ، حاصل جنين حال ڪيو.

....

سر ڏيئي سڻ جوڙ ڪنهن پر ڪلالن سين.
ڪاتي ڪرڻ ڪپار ۾، خنجر آٽي ڪوڙ
مرٽان منهن مَ موڙ، وٽي تي وڌ لهي.

....

وڻ وڻ وٽيءَ ۾، مڻ مڻ منڌ ٻيو
قدر ڪيف ڪلال جو پياڪن پيو
اچن ڏُرس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو
سرها سر ڏيو چکن سُرڪ سيد چئي.

....

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻہ اوڏا سپرين،
ڪي نہ سُنيرجن ڪڏهن، ڪي نہ وسرن مور
جيئن ميٺهن ڪنديءَ پور، تئن دوست وراڪو دل سين

....

چٽن چٽڪن چت ۾، سدامنجھ سرير
لڏي ڪنهن لوءِ ويا، مارو منجھ مليں
ويٺي پوچيان پير، مان ملنم ڪڏهين.

....

ڏلي ڏينهن تيام، ڪه چاٽان ڪهڙا پرين
سهسين سجن اُپري، واجهائيندي ويام،
تن ري سال پيام، جن ري ساعت نہ سهان

....

**سائين رسول بخش پليجي** ٢٠ آڪٽوبر ١٩٢٨ع تي جنگشاهي، ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ سنڌ مدرسي ۽ ايل ايل بي جناح ڪاليج مان ڪرڻ ڪانپوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ پنهنجي وقت جو ڪامياب ترين وڪيل ثابت ٿيو. سياست ۾ اچڻ ڪانپوءِ نعپ جو اڳواڻ، بزم صوفياءِ سنڌ جو سيڪريٽري، سنڌ متحده محاذ جي ورڪنگ ڪميٽي جو اڳواڻ، سنڌي ادبي سنگت جو باني ميمبر، پاڪستان عوامي تحريڪ اتحاد جو جنرل سيڪريٽري، عوامي نيشنل پارٽي جو باني ۽ سيڪريٽري جنرل، ايم آر ڊي جو مرڪزي ڪنوينر، سنڌي عوام جي قومي اتحاد ۽ سنڌ قومي اتحاد جو باني اڳواڻ رهي چڪو آهي. هن وقت ايشيا پئسفڪ پيس ڪميٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر، سنڌي اتحاد جو باني قائد ۽ عوامي تحريڪ جو چونڊيل صدر آهي. پليجي صاحب پنهنجي زندگيءَ جو ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو جيلن ۾ گذاريو آهي. ١٩٨١ع ۾ ايمينيسٽي انٽر نيشنل پاران کيس 'ضمير جو قيدي' قرار ڏنو ويو. سنڌ جي هن چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۽ عظيم مفڪر جا اڄ تائين لاتعداد مضمون، ڪهاڻيون، مقالا، شعر، ترجما، تبصرا، تنقيدي ليک ۽ ڪالم شايع ٿيا آهن. جن مان هيٺيان ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪا آهن:

* انڌا اونڌا ويڄ * سنڌي ٻات هنجن * صبح ٿيندو * پسي ڳاڙها گل * ماٺوزي تنگ * ڏراڙن جا ڏک * هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي * ڳالهيون ڳنوارن جون * انقلاب ۾ ادب ۽ فن جي اهميت * جيڪي بنگال سان ٿيو * انقلابي نظريعي سان هٿيار بند ٿيو * واٽون ويهه ٿيون * جن جهونا ڳڙهه جلايو * ڇا ملڪي سياست سنڌين لاءِ حرام آهي * پاٿي ڪان ڪمان ۾ * اوهانجي پڇاڻان * جي تون چورين چنگ * سنڌ جي سڏ تي * جڏهن پليجي ڳالهايو * هاڻ سنڌين جو ڇا ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَ ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)